SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1985

SINDH ACT NO.I OF 1985

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1985

THE SINDH FINANCE ACT, 1985

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

3. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

4. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VII of 1977

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1985

SINDH ACT NO.I OF 1985

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1985

THE SINDH FINANCE ACT, 1985

[23 جون 1985]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ محصولن کي معقول بڻايو ۽ ختم ڪيو ويندو.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ محصولن کي معقول بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 1985 کان لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

2. سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1985 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (3_B) کي ان هيٺان وضاحت سميت ختم ڪيو ويندو.

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

3. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾:

(a) دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ ۽ انگ "جريان 7" لاءِ لفظ ۽ انگ "جريان 4" متبادل ٿيندو؛

(b) ستين شيڊول لاءِ هن ايڪٽ ۾ شيڊول تبديل ڪيو ويندو.

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

4.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ موجود شقن لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Sindh Act VII of 1977

"(a) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي پنجهتر رپين کان گهٽ نہ ۽ ٻہ سئو ۽ پنجاهہ رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن.	سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي ڏهہ رپيا
"(b) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي ٻہ سئو ۽ پنجاهہ رپين کان گهٽ نہ ۽ چار سئو رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن.	سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي پندرنهن رپيا
"(c) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي چار سئو رپين کان گهٽ نہ ۽ پنج سئو ۽ پنجاهہ رپين کان وڌيڪ نہ ورتا وڃن.	سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي ويهہ رپيا
"(d) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ	سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست

جي ڏهاڙي تي پنج سئو ۽ پنجاهه رپين کان گهٽ نه ۽ ست سئو رپين کان وڌيڪ نه ورتا وڃن.	سيڪڙو تي في ڏهاڙي ٽيهه رپيا
"(e) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي ست سئو ۽ هڪ رپين کان گهٽ نه ۽ هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نه ورتا وڃن.	سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي چاليهه رپيا
"(f) انهيءَ صورت ۾ جڏهن في رهائشي يونٽ جي ڏهاڙي تي هڪ هزار ۽ هڪ رپيو ۽ ان کان وڌيڪ ورتا وڃن.	سمورن رهائش اختيار ڪندڙن جي ست سيڪڙو تي في ڏهاڙي پنجاهه رپيا.".

شيڊول

(ڏسو دفعه 3)

"ستون شيڊول"

(ڏسو دفعه 11)

جريان نمبر	ڪيٽيگريون	سالياڻو ٽيڪس جا ملهه
1.	ڪنهن به ڌنڌي، واپار، ڪالنگ يا ملازمت ۾ مصروف سموراماڻهو ۽ جن کان گذريل مالي سال ۾	200

	ٹيڪس اوڳاڙي وئي هجي.	
.2	سنڌ ۾ رجسٽرڊ سموريون لميٽيڊ ڪمپنيون	5000
.3	(a) سموريون نجي ۽ پرڏيهي ڪمپنيون (b) امپورٽ يا ايڪسپورٽ لائسنس رکندڙ ۽ ٻئي رکندڙ (c) مٿي (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايلن کانسواءِ انڊسٽرين ۽ فيڪٽرين جا مالڪ (d) تعميراتي ڪم يا شيون فراهم ڪرڻ يا خدمتون يا مزدور فراهم ڪرڻ ۾ مصروف سمورا ٺيڪيدار ۽ سمورا ايجنٽ، اسٽاڪسٽ ۽ ڪميشن بنيادن تي ٻين لاءِ شيون ۽ خدمتون وڪرو ڪرڻ يا خريد ڪرڻ ۾ مصروف ايجنسيون رکندڙ.	2500 2000 2000 2000
.4	سموريون فيڪٽريز، دڪان ۽ اسٽيبلشمينٽس: (a)جن کان گذريل مالي سال دوران ٽيڪس ورتي وئي هجي (b) جن کان گذريل مالي سال دوران ٽيڪس نه ورتي وئي هجي	400 200

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.